# دستور العمل

TALIB-UL-MOULA

## اداره روح ادب سنڌ

شايع ڪندڙ

صدر دفتر - هالا نوان

# پيش لفظ

سنڌي زبان ۽ ادب جي موجوده نازڪ دور ۾ هن ڳالهه جي ضرورت نظر آئي ته هڪ اهڙي اداره جو قيام عمل ۾ آندو وڃي جنهن جو تعلق خالص سنڌي زبان سان وابسته مسئلن جو هجي، هڪ ڪل سنڌ اداره هجي، ان کي پنهنجي پريس ۽ ذريعه اشاعت هجي، جو پنهنجو سمورو توجه هن ڳالهه سان تعلق رکندڙ مسئلن ڏانهن مبذول رکي سگهي. سنڌ جي موجوده جماعتن مان ڪي جماعتون اڪثر پنهنجن قوانين جي نوعيت سان، يا ته ڪنهن نه ڪنهن طرح هڪ مڪاني رنگ رکن ٿيون يا چند اهڙن قوانين جون پابند آهن جي منهنجي نظر ۾ انهن جي دائره عمل کي محدود ڪن ٿا ۽ هي وقت اهڙي محدود دائره عمل جو نه آهي- ڪن حالتن ۾ اغراض و مقاصد جي ايتري وسعت آهي جو انهن ۾ سڀ ڪجهه سمائجي سگهي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ قوانين ۾ ايتريون پابنديون آهن جو ڪم ڪرڻ وارو پاڻ کي هر طرف کان پابند ڏسي ٿو. اهي پابنديون هڪ طرف جماعت جي جمهوري نظام جو لازمي نتيجو ٿين ٿيون ٻئي طرف بعض حالتن ۾ ائين ٿو ٿئي جو جمهوري آئين تي شدت سان عمل

TAHIR-UL-MOULA

ڪرڻ ڪري خود اهو مقصد فوت ٿيو وڃي جو جماعت جي قيام جو باعث ٿئي ٿو.

سنڌ جي موجوده جماعتن جي اغراض و مقاصد خواهه قوانين جي مطالع بعد مونکي ڏسڻ ۾ آيو ته انهيءَ ڳالهه کان سواءِ ڪو ٻارو ڪونهي جو مجوزه اغراض و مقاصد خواهه قوانين تي مشتمل هڪ جماعت جو قيام نئين سر آڏيو وڃي. ازانسواءِ بحث مباحثي ۾ ضايع ڪرڻ جو نه وقت آهي نه گنجائش. تنهن ڪري ڀريائين هڪ مختصر گروه جو، مٿين بنيادي اصولن تي متفق نظر آيو تنهن جي جماعت بندي ڪري ان کي هڪ اداره جي شڪل ڏني وئي آهي، ۽ انجي وسعت لاءِ رڪنيت ۽ الحاق جا چند قوانين واضع ڪيا ويا آهن.

ڇپيل اغراض و مقاصد خواهه قوانين جي هڪ ڪاپي هن عريضه سان گڏ سنڌ جي انهن سڀني مقتدر ادارن ۽ شخصيتن ڏانهن موڪلي رهيو آهيان جن ۾ سنڌي زبان ۽ ادب بابت ولولو ڏسان ٿو ۽ هن ڳالهه جو متمني آهيان ته اهي جماعتون ۽ شخصيتون هن مرڪزي اداره سان هڪ عام قومي ڪم ۾ تعاون ڪن.

مخدوم محمد زمان طالب المولى

TALIB-UL-MOULA

٧٨٦

ابتدا مي ڪنم به بسم الله     بعدہٗ لا الا الله

## دستور العمل

# اداره روح ادب سنڌ

**١- نالو** — هن اداره جو نالو "اداره روح ادب سنڌ" رهندو.

**٢. صدر دفتر** — هن اداره جو صدر دفتر شهر هالا نوان سنڌ ۾ رهندو.

TALIB-UL-MOULA

**٣- اغراض و مقاصد** — هي هڪ خالص ادبي ۽ فني اداره آهي جنهن جا اغراض و مقاصد هيٺيان آهن:-

(الف) سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي حفاظت ۽ اشاعت.

(ب) سنڌي راڳ جو سڌارو ۽ واڌارو.

**٤- ذريعا** — هي اداره پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ هيٺيان ذريعا اختيار ڪندو:-

(الف) سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي هر صيغہ بابت معياري ڪتاب شايع ڪرڻ.

( ب ) سنڌي شاعري ۽ سنڌي راڳ بابت معياري ڪتاب شايع ڪرڻ.

( ج ) سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو مٿين مقصدن لاءِ هڪ ڪل سنڌ ڪانفرنس منعقد ڪرڻ.

( د ) مٿين مقصدن جي تڪميل لاءِ هڪ معياري ماهوار رسالو جاري ڪرڻ.

( هه ) مٿين مقصدن جي مد نظر هالن ۾ هڪ مرڪزي سنڌي ”ڪتاب گهر“ قائم ڪرڻ.

( و ) مٿين مقصدن بابت حڪومت سنڌ جون جيڪي تجويزون هجن تن کي تقويت ڏيڻ.

( ز ) اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سنڌي نصاب ۾ زماني جي ضرورتن مطابق سڌاري آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

( ح ) سنڌي زبان کي اعليٰ تعليم تائين ذريعه تعليم بنائڻ.

( ط ) سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪندڙن جا يادگار قائم ڪرڻ.

( ي ) سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي عملي مدد ڪرڻ.

**٥- ميمبر** هن اداره جا هيٺين موجب ٽي قسم ميمبر رهندا:-

( الف ) ٻوم شعرائي سنڌ ( خاص سنڌي شاعري سان تعلق رکندڙ. )

( ب ) سنڌي راڳ سڀا ( خاص سنڌي راڳ سان تعلق رکندڙ. )

( ج ) دارالمصنفين ( سنڌي ادب جي ٻاقي صيغن سان تعلق رکندڙ. )

## ٦- نگران

هن اداره جا نگران هيٺيان رهندا :-

( الف ) صدر ( پريزيڊنٽ ) جو "روح- روان" سڏيو ويندو.

( ب ) جنرل سيڪريٽري يعني "ناظم اعليٰ"

( ج ) صيغن جا سيڪريٽري يعني "ناظم"

TALIB-UL-MOULA

## ٧- صدارت

هن اداره جو مستقل ۽ دائمي "روح-روان" ( صدر ) جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ" سجاده نشين درگاه هالا رهندو. جنهن جا اختيارات هر حالت ۾ آخري ۽ قطعي ليکيا ويندا.

## ٨- مجلس شوريٰ

اداره جي ڪاروبار لاءِ اداره جي ميمبرن مان "روح - روان" صاحب هڪ مجلس شوريٰ منتخب ڪندو. مجلس شوريٰ جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ اجلاس سالانه ڪانفرنس جي موقعه تي لازمي طور منعقد ٿيندو. مجلس شوريٰ جي اراڪين جي تعداد جو تعين "روح-روان" صاحب

ڪندو ۽ هڪ ناظر اعليٰ (جنرل سيڪريٽري) ۽ ٣ ناظر (صيغن جا سيڪريٽري) پڻ روح-روان صاحب پاڻ مقرر ڪندو.

**٩- ماليات** اداره جي ماليات ۽ حساب ڪتاب جو ڪلي اختيار "روح-روان" کي رهندو.

**١٠- رڪنيت** جيڪو صاحب هن اداره جي قانون سان متفق هوندو سو هيٺ ڏنل اقرار نامہ صحيح ڪري هڪ روپيه في جمع ڪرائڻ سان جناب روح-روان جي منظوري بعد ميمبر ٿي سگهيٿو.

**١١- رجسٽر ڪرائڻ** پنجاه ميمبرن جي داخل ٿيڻ بعد اداره کي رجسٽر ڪرايو ويندو.

**١٢- اخراج** جناب "روح-روان" صاحب ڪنهن به وقت ڪنهن به ميمبر کي اداره جي رڪنيت کان خارج ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو.

**١٣- الحاق** سنڌ جي ڪابه ادبي جماعت جا مٿين قانونن سان متفق رهندي انجو الحاق هن اداره سان جناب "روح-روان" صاحب جي اجازت سان ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ مقرر ڪيل فارم تي اها جماعت دستخط ڪري موڪلي ۽ الحاق بابت في پنج روپيه ٠-٠-٥ جمع ڪرائي.

**١٤- ترميم يا ايزاد** — هنن قوانين ۾ ترميم يا واڌاري ڪرڻ جو حق هروقت جناب "روح - روان" صاحب کي حاصل رهندو.

**١٥- فروعي قانون** — هنن قوانين جي ماتحت ڪي به فروعي قانون جناب "روح - روان" صاحب مرتب ڪري سگهي ٿو.

TALIB-UL-MOULA

# فهرست اراڪين اداره روح ادب سنڌ

## اوائلي پنجاه ميمبرن جا اسماء گرامي

۱- حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولي"
سجاده نشين درگاه شريف هالا.

۲- صاحبزاده مخدوم محمد امين صاحب،
خلف حضرت "طالب المولي" صاحب.

۳- حضرت مخدوم اعجاز حسين صاحب - هالا.

۴- خانصاحب سائينداد خان ڇورو - ٺٽورو

۵- مولانا غلام محمد صاحب گرامي - مخدوم منزل
گاڏي کاتو - حيدرآباد سنڌ.

۶- حڪيم سيد احمد شاه "همدم" نيو سعد آباد.

۷- الحاج الهه بخش عقيلي "سرشار" ٺٽوي
مختار منزل - ميران پير، ڏوبي گهاٽ - ڪراچي.

۸- الحاج علي محمد بلوچ "خالدي" ايڊووڪيٽ ٺٽو.

۹- جناب محمد خان "غني" ايڊيٽر "مسلمان"
حيدرآباد سنڌ.

۱۰- جناب عبداللطيف "راز" بلڙائي - ٻوم بسمل
ٽنڊو محمد خان.

۱۱- خليفه محمد عمر "اختر" هالائي
ايڊيٽر "ڪوثر" هالا.

TALIB-UL-MOULA

١٢- جناب عبدالرحمان "نسيم" ولد قاضي محمد حيات
ارڙو - ڪراچي.

١٣- جناب امير بخش "امير" قريشي - محفل احباب
ڪراچي.

١٤- سيٺ ابوبڪر آدم زرگر نئون آباد ڪراچي.

١٥- سيٺ حاجي احمد محمد ٻچل - ڪامل گلي ڪراچي.

١٦- جناب حاجي فقير محمد محمد عمر هنگورو
موسيٰ لين ڪراچي.

١٧- جناب حاجي اڪبر مصري خان موسيٰ لين ڪراچي

١٨- سيٺ حاجي ابراهيم ڪراچي

١٩- سيٺ اسحاق موسيٰ زرگر منودر ڪراچي

٢٠- صوفي دوست محمد سومو "ساجد" سرشاري
جهونا ڪنڀار واڙه ڪراچي.

٢١- سيٺ محمد علي محمد زرگر نئون آباد ڪراچي.

٢٢- حافظ اسماعيل - معرفت سنڌ ڪيهه اسٽور
رساله روڊ - حيدرآباد سنڌ.

٢٣- جناب محمد ٻچل صاحب "محبوب" مورڙي.

٢٤- رئيس ڏتلي بخش خان ڪوٽ ڪرم نظاماڻي.

٢٥- جناب مصري خان - پوسٽ شاهه آباد.

٢٦- جناب عبدالخالق صاحب "جوکي" حيدرآباد سنڌ

٢٧- جناب محمد شفيع صاحب "انور" هالا.

٢٨- جناب شيخ در محمد پير بخش - شڪارپور.

Talib-ul-Moula

٢٩- رئيس علڻ خان ڪاڇي ماجهند.
٣٠- مولانا عبدالغفور صاحب سيتائي.
ايڊيٽر نواءِ سنڌ - ڪراچي.
٣١- الله بچايو ”فيروز“ مئنيجر الزمان پريس هالا.
٣٢- جناب پير شاهنواز صاحب عارف المولائي ڀاڻ.
٣٣- جناب حافظ محمد قاسم صاحب علوي هالا.
٣٤- جناب سيد جڙيل شاهه صاحب اجناطي
پوسٽ ڏيپر تعلقه هالا.
٣٥- شيخ گل محمد صاحب هالا.
٣٦- قاضي عبدالحي صاحب ”سليم“
ايڊيٽر فردوس هالا.
٣٧- جناب الله بچايو ڪاڇٽي ”مجبور - وفا“ هالا نوان.
٣٨- ” جمال الدين صاحب جائنٽ سيڪريٽري
”طالب المولا ڪلب“ هالا.
٣٩- ” حسين بخش صاحب ”خادم“
ملازم حضرت طالب المولا هالا.
٤٠- ” سيد غلام شاهه ”مشتاق“ سيرا چون
معرفت حضرت طالب المولا هالا.
٤١- ” محمد شعبان ”خاڪ“ ڪشمور.
٤٢- ” محمد علي صاحب ”جوهر“ لاڙڪاڻه.
٤٣- ” الهداد صاحب ”آصم“ لاڙڪاڻه.
٤٤- ” سيد حيدر شاهه صاحب ”حيدر“ شڪارپور

۴۵- جناب محبوب علي صاحب چنا
سابق پرنسپال سروية كاليج هالا.
۴۶- " آخوند عبدالرحمان صاحب "انجم" هالا.
۴۷- " قاضي غلام محمد صاحب هالا پراڻا.
۴۸- " ميان محبوب علي صاحب سرورآباد هالا.
۴۹- مسٽر محمد ڪاڪا بي - اي - ايل - ايل - بي هالا.
۵۰- " لعل محمد صاحب سب رجسٽرار هالا.

Talib-ul-Moula

٢- مئي ١٩٥٤ع تي

# اداره جا مقرر ڪيل نگران

١- روح - روان (صدر)

حضرت مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ"
سجاده نشين درگاه شريف هالا.

٢- ناظم اعليٰ (جنرل سيڪريٽري)

الحاج الله بخش صاحب "سرشار" عقيلي ٺٽوي
مختار منزل - ميران پير ڏوبي گھاٽ ڪراچي

Talib-ul-Moula

٣- ناظم صيغه بزم شعراء سنڌ

خليفه محمد عمر صاحب "اختر" هالا نوان.

٤- ناظم صيغه سنڌي راڳ سڀا

جناب پير شاهنواز صاحب "عارف المولیٰ"
ٻوڙو شريف.

٥- ناظم صيغه دارالمصنفين

جناب محمد خان "غني" ايڊيٽر "مسلمان" حيدرآباد

نوٽ:- سموري لکپڙھ اداره جي هيڊ آفيس سان هيٺين ائڊريس تي ڪرڻ گھرجي:-

صدر دفتر
اداره روح - ادب سنڌ
هالا نوان - ضلع حيدرآباد سنڌ

ناظم اعليٰ "روح - ادب سنڌ"

الزمان پرنٽنگ پريس هالا

مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

TALIB-UL-MOULA